# اُتم، سنڌي ساهت جي هڪ يگاني شخصيت

- ڪلا پرڪاش

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ هلندڙ سنڌي ساهت منڊل جي ادبي ڪلاس ۾ مون ١٩٥٢ کان وڃڻ شروع ڪيو. ادبي ڪلاس ۾ وڃڻ ڪري گهڻن ئي ادب جي درلڀ شخصيتن سان لهه وچڙ ۾ آيس. اُتي ٿن اهڙن اديبن سان واقفيت ٿي جن کي سنڌي جاتيءَ جي سلامتيءَ جي جهوري لڳل هئي. هنن جي زندگيءَ جو واحد مقصد هو سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت کي بچائڻ، سنڌي لپيءَ کي بچائڻ، سنڌي تهذيب ۽ تمدن جي رکوالي ڪرڻ. اُهي ٽي جنوني شخص آهن، مرحوم گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ اي. جي. اُتم.

اُتي لٽي ۽ اجهي جو فڪر ڪهڙي انسان کي نه هوندو؟ اسانجون ايندڙ پيڙهيون شايد ان ڳالهه تي وشواس نه ڪري سگهن ته هنن ٽن شخصن کي اهو به فڪر نه هو. قدرت انهن ٽنهي جي جاتيءَ لاءِ بي غرض محبت جي موٽ ائين ڏني جو ڪين جيون سنگٽيون اهڙيون مليون جن سڀ ذميواريون پاڻ تي کڻي ورتيون. ان ڪري هي لاهوتي فقير پنهنجي مقصد لاءِ پنهنجو پاڻ مڪمل طور واري سگهيا.

مان هتي شري اي. جي. اُتم جو ذڪر ڪنديس.

هن جي سنڌي ساهت منڊل، سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ واري تحرڪ، اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سان وابستگي ۽ سندس سرگرم رهڻ بابت گهڻن ئي ساٿين لکيو هوندو، ان ڪانسواءِ هن جا پنهنجا لکيل مضمونن ۽ تنقيد جا

وٺ ڪم لاءِ ديوانگي آهي پر پئسو ته ناهي. هن پئسو ڪئو نه ڪيو آهي، هن سنڌي ڪتاب ڪٺا آهيا آهن. اُتم جو بيڊروم، بيڊروم نه پر لئبرري آهي. هو سنڌ جي اجرڪن مان چادر ۽ وهاڻي جون ڇئون ٺهرائي ڪم آڻيندو آهي. هن جون ٻئي ڏيئر ته صحيح معنيٰ ۾ سنڌي جاتيءَ جون عيوضي نياڻيون آهن. پر هنن جا ٻار به سُٺي سنڌي ڳاڻندا آهن. اُتم هنن کي نئين، نرالي ڳالهه سيکاري آهي.هن جا ڏوهٽا، ڏوهٽيون هر ڪنهن سنڌيءَ کي فون تي توڙي روبرو 'جئه سنڌي' چئي ڪيڪاريندا آهن. اهو آهي شري اي. جي. اُتم. پنهنجي اصولن ۾ بلڪل ڪٽر.

صرف هڪ ڳالهه جو افسوس ٿيندو آهي... جيڪر انساني رشتن ناتن جي نزاڪتن کي پروڙي سگهي ها... اُصولن جي زندگيءَ ۾ وڏي معنيٰ آهي پر 'تون به ره مان به رهان' به ته هڪ اعليٰ اصول آهي. اڄ اُتم گهڻن ساهتڪار ساٿين کان وڇڙيل آهي پر اڪيلو پنهنجي ڪم ۾ جنبيل آهي. پڙهڻ، لکڻ ۽ ڪتاب ڇپائڻ مان هن کي فرصت ڪانهي.

ٻڌو اٿئون ته 'ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي ساهت جي تاريخ' لکڻ جو ارادو اٿس. اسانکي هن ڪتاب جو شديد انتظار رهندو.

